# هـاري

هن نظم جو جوڙيندڙ بردو سنڌي، سندس سچو نالو، محمد رمضان ولد خداڏنو لاشاري آهي. هُو 15 مارچ 1922ع تي ڳوٺ ماڪن ڪوري، ضلعي سکر ۾ ڄائو.

پاڻ انجنيئري کاتي ۾ ملازمت ڪيائين. هُو سنڌي ٻوليءَ جو سٺو شاعر هو. سندس شعر ۾ سادگي ۽ سلاست آهي. سندس شاعريءَ جا مجموعا "اکڙيون مينگهه ملهار" ۽ "ٻُوندون بس نہ ڪن" جي نالي سان ڇپيل آهن. پاڻ 26 آڪٽوبر 1988ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چئي پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو.

هــارِي پـــيـــارا، جوانَ سگھارا،
ملڪ مِٺي جــا جِــيءَ جيارا.

مهل ملي ٿئي، پـــاڻ ملهائج،
محنت جــا ڪي مينهن وسائج.

جوڳ پليءَ کي ساجهر جـــوڙ،
کيت سان نينهن نڀائج تـــوڙ.

تنهنجي محنت لائـــي رنـــگ،
ڏک وڃن ٿئي سک جـــو سنگ.

سَلي سَلي جـــي ڪـــر سنڀار،
ڪٽي منجهان ٿين ڪيچ خرار.

بک بيماري کــد پڄائــي،
تنهنجا ڳُڻ زمانــو ڳائــي.

تنهنجي محنت مک جــو مــانُ،
شال جيئين تــون هارِي جــوان!

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- شاعر ملک مٺي جا جيءَ جيارا ڪنهن کي ٿو سڏي؟
2- هاريءَ جي محنت ڪهڙو رنگ ٿي لائي؟
3- سَلي سَلي جي سنيار سان ڇا ٿو ٿئي؟
4- شاعر، هاريءَ کي ڪهڙي دُعا ٿو ڪري؟

**(ب) هيٺيان اصطلاح سمجهايو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.**

پاڻ ملهائڻ – نينهن نڀائڻ – رنگ لڳائڻ – ڳڻ ڳائڻ.

**(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

سگهارا – مهل – ساجهر – سنگ – ڪٽي – ڪيچ – ڳڻ.

**(د) هيٺين جملن مان صفت ڳوليو:**

1- گلاب جو گل سڀني گلن کان سهڻو آهي.
2- ساران هڪ سياڻي نينگري آهي.